# رازءِ رمزون

(ياڳون ڀيريون)

غلام محمد شاهواڻي

Ks.1012
357N

# راز ۽ رمزون

(ڀاڱو پهريون)

غلام محمد محمد ابراهيم شاهواڻي
ايم - اي ، بي - ٽي -
هيڊ ماستر نور محمد هاءِ سڪول
حيدرآباد سنڌ

قيمت ١٥--٠

ڇاپو پهريون ]    ١٩٤٤    [ جلد ٥٠٠

مهتاب پرنٽنگ پريس ، صدر بازار حيدرآباد سنڌ.

معنون

هي حقير تحفه

پرگڙي بردرس

رئيس غلام رسول خان پرگڙي

۽

رئيس غلام مصطفاي خان پرگڙي

جي خدمت

۾

عرض رکانٿو

گر قبول افتد زهي عز و شرف

لاءِ اسڪولي ڪتابن کان زياده موزون ۽ ڪارگر ثابت ٿيندا. هن ڪتاب پڙهڻ مان هنڪي ماڻهن سان خوش اسلوبيءَ سان برتاءُ ڪرڻ ۽ وڏن ننڍن ۽ هڪجيڏن سان چڱي سلوڪ ڪرڻ جو سبق حاصل ٿيندو، هننکي خوش ڪلامي ۽ شيرين زباني جو راز معلوم ٿيندو، هننکي ٻين کي همخيال بنائڻ ۽ ٻين کي پنهنجي قابليت جي سڪي جمائڻ جو راز معلوم ٿيندو؛ هنکي اها پروڙ پوندي ته ٻين مان ڪيئن ڪم ڪڍجي، ٻارن کي ڪيئن ناميارو ۽ لائق وارو ڪجي، ڪيئن مشهوري حاصل ڪجي، ڪيئن دوستن جو دائرو وڌائجي، ڪيئن پراون کي پنهنجو ڪجي، ڪيئن آمدني وڌائجي ۽ خرچ گهٽائجي، ڪيئن نوان گراهڪ ڦاسائجن ۽ ڪيئن جهونن گراڪن کي پنهنجي هٿ ۾ رکجي، ڪيئن شڪايتون رفع ۽ دقتون دفع ۽ دليل دلائل ترڪ ڪجن، ڪيئن موثر نمونيَ ۾ ڳالهائجي ۽ ڪيئن علم نفس جي اصولن تي عمل ڪري ٻين جي دل وٺجي. ۽ ڪيئن رضاڪارن ۽ زيردستن ۾ ڪم لاءِ جوش ۽ ڪاميابي لاءِ تڙپ پيدا ڪجي.

الحقير

غلام محمد شاهواڻي.

# فهرست

صفحو


١- گذارش
٢- نامور ٿيڻ جو آسان طريقو ١

## باب پهريون

١- ڇينڀڻ مان نقصان ٧
٢- ٻين کي سرخرو ٿيڻ ۾ مدد ڪرڻ مان فائدا ٢٥
٣- هر دلعزيزيءَ جون ٻر ڪتون ٣٧

## باب ٻيون

پاڻ وٽائڻ جون ڇهه رمزون

١- سچن دوستن پيدا ڪرڻ جي رمز ٤٥
٢- ماڻهن تي هڪدم سٺي اثر وجهڻ جي رمز ٥٦
٣- رسوخ پيدا ڪرڻ جي رمز ٦١
٤- گفتگو ۾ ماهر ٿيڻ جي رمز ٦٧
٥- ماڻهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جي رمز ٧٩
٦- ماڻهن وٽ قبول پوڻ جي رمز ٨٢

## باب ٽيون

ٻين کي پنهنجي هم خيال بنائڻ جون ١٢ رمزون

١- ٻين جي دل وٺڻ جي رمز ٩٦
٢- مخالفت دور ڪرڻ جي رمز ١٠٣
٣- جهيڙي ٽارڻ جي رمز ١١٤
٤- ٻراون کي پنهنجي ڪرڻ جي رمز ١٢١

٥- ٻين کان ھائو ڪرائڻ جي رمز ١٣٣

٦- شڪايتن دور ڪرڻ جي رمز ١٣٨

٧- ٻين کي پاڻھن ٻيلي بنائڻ جي رمز ١٤٣

٨- پاڻ کي مقبول عام ڪرائڻ جي رمز ١٤٩

٩- تندي ۽ ترشي دور ڪرڻ جي رمز ١٥٣

١٠- ٻين مان ڪم ڪڍائڻ جي رمز ١٦٠

١١- واپار وڌائڻ جي رمز ١٦٥

١٢- جڏھين ٻيون سڀئي تدبيرون ڪارگر نہ ٿين،
تہ ھن کي آزمايو ١٦٨

# راز ۽ رمزون

## ڀاڱو پهريون

## باب پهريون

### ١- ڇينڀڙ مان نقصان

توهان ڏٺو هوندو ته عام رواجي طرح سان جيڪڏهن ڪو ماڻهو خطا ڪري ٿو ته ان کي يا ته سزا ڏني وڃي ٿي يا تنبيه ڪئي وڃي ٿي. ٻار گهر ۾ ڏنگائي ڪري ٿو ته مائٽ ڪيس ڇينڀين ٿا. شاگرد اسڪولن ۾ حرڪت ڪري ٿو ته ڪيس ماستر اک ڏيکارين ٿا. دوست هڪ ٻئي سان ڏاڍائي ڏنگائي ڪن ٿا ته هو به پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ٽوڪين ٿا. نوڪرن جون خطائون معاف ڪونه ڪيون وڃن ٿيون. مالڪ انهن کي چڱي چنڊ ڪڍن ٿا. هڪ منشي چوڪ ڪرڻ تي پنهنجي بالا آفيسر جون دٻون سهي ٿو. علم نفس جي اصولن موجب هي طريقو بيڪار ثابت ٿيو آهي. آزمودي مان پڻ ڄاڻي سگهجي ٿو ته ڇينڀڙ ڪري گهڻائي نقصان ٿين ٿا.

توهان ڏٺو هوندو ته ڪو به انسان پنهنجو ڏوهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. انسان اشرف المخلوقات آهي، جنهن کي ڌڻيءَ وٽان عقل عطا ٿيل آهي. جڏهن انسان ڪا خطا ڪري ٿو ۽ ڪانئس باز پرسي ڪئي وڃي ٿي ته هو دليل دلائل پيش ڪري پنهنجي جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو ويهي ئي انهن جو زور لائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته جيڪي مون ڪيو آهي سو برابر

فقط هن جي چڱاين جو لذڪرو چيڙ يندو آهيان.

بيوقوف ٻہ ڪيتر چيني، قمت لعنت ۽ شڪوه شڪايت ڪري سگهيتو. عموماً بيوقوف ئي اهو طريقو اختيار ڪندا آهن ٻر ٻئي جي نقطہ نگاهہ سمجهڻ، عفو ۽ احسان جي وڻج وهائڻ ۾ گهڻو گهر جي.

ميرن جي ميري سندن هلت چلت مان پڌري ٿيندي آهي. وڏي ماڻهو جي عظمت هيٺئين طبقہ جي ماڻهن سان هلڻ چلڻ جي اصولي مان پروڙي سگهجي آهي.

ماڻهن کي ڏڪارڻ ۽ هنن جي سهوُن ۽ خطائن جي ننديڻ جي عيوض اچو تہ انهن جي نقتہ نگاه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. اچو تہ ڏسون تہ ڇو انسان ائين هلن ٿا جيئن هو هلي رهيا آهن. ائين ڪرڻ ڪتہ چيني ڪرڻ کان هزار بار بهتر آهي. ائين ڪرڻ سان خوشگوار تعلقات ۽ همدردي ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ احترام پيدا ٿين ٿا.

عفو ڪرڻ همدرديءَ جي نشاني آهي. ڊاڪٽر **جانسن** جو فرمودو آهي تہ خدا بہ انسان جو سندس ڏينهن پجا ڻا حساب ڪتاب وني ٿو. پوءِ اسان کي ڪهڙي ڳالهہ ٻئي آهي جو اوڏيءَ جو اوڏيءَ مهل ساڻن ليکو لاهيون.

جيڪڏهن ايمرسن جهڙي فاضل لاءِ ائين ڪرڻ سنئو هو ته اسان جهڙن لاءِ ائين ڪرڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي.

اڃا ته جيڪي اسان اڳ ۾ تراريون هنيون آهن انهنجو ذڪر ڪرڻ بند ڪريون ۽ پنهنجي ڳڻن جي تعريف ڪرڻ جي عيوض ٻين جي چڱن ڪمن کي ساراهيون. ائين ڪرڻ ۾ خلوص نيتي کان ڪم وٺون ۽ سچي ۽ جوڳي تعريف ڪريون. قدردائي ڪرڻ وقت دل کولي داد ڏيون جئن ٻين جي دل تي اسان جا اکر اُڪري وڃن. هو ساري عمر پيا انهن کي ياد ڪري شاد ٿين. ممڪن آهي ته اسان کان اهي اکر دل تان لهي وڃن پر جن کي اسين داد ڏينداسون انکي سالن تائين، ته عمر ڀر، ياد رهندا.

پيءُ کي چيائين، ”بابا! بابا!! اڄ ته مون جيڪو پنهنجي لاءِ هنڌ خريد ڪيو آهي سو توکي ڏيکاريان“ پيءُ هنڌ ڏسي ان کي ساراهيو ڇي واه جو هنڌ خريد ڪيو اٿئي. ڏاڍو سٺو آهي. هاڻي هنڌ ۾ تون ته ڪوله ستندي.

ڇوڪر چيو ”نه بابا! نه!“

ڇوڪر انهي رات هنڌ ۾ ته ڪوله ستيو پر هميشه لاءِ اها عادت ڇڏي ڏنائين ڇاڪاڻ جو هاڻ هنجي غيرت جو سوال هو. هنجي سرخرو ٿيڻ واري تمنا کي ڀڙڪايو ويو هو ۽ هن سمجهو ٿي ته هي شي مون ورتي آهي، منهنجي آهي ٺهڪري ان کي خراب ڪرڻ منهنجي پنهنجي گهٽتائي آهي.

منٽ ڳالهائيندو رهو پر هو هينئر هڪ سو سٺيتاليه منٽ ڳالهيون ڪندو رهيو. مئنيجر کي سڌ ڪيائين ته فلاڻو ڪتاب ۽ فلاڻي چوپڙي پيش ڪر. موڪلائڻ وقت هنکي در تائين اماڻڻ آيو ۽ بيمث ۾ هنجي ڪاميابي لاءِ دعا گهريائين. آخر چپائينس ته ٻئي مهيني جي شروعات ۾ مون وٽ اچجو ته آءٌ اوهانکي اڳر مهيا ڪرڻ جو آرڊر ڏيندس.

اڳرن جي واپاري سمجهو ته هي ڪو معجزو آهي. اڳرن جي خريد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيم ته ڪجهه ڪين وريو پر هاڻ بنا چئي پيا اگهامن.

جيڪڏهين پانيو ته ماڻهو توهانکي پسند ڪن ته اُنهن کي مائل ڪرڻ جو ٻهريون اصول اُتو هنن جي معاملي ۾ خلوص نيتي سان دلچسپي وٺڻ. جيڪو ائين ڪندو سو سرخرو ۽ سردار ٿيندو.

وڏي وٿ آهي. استقلال کان ڪم وٺو. جيڪي ڪرڻ گهرو تنهن تي ثابت قدم رهو. خلوص نهايت ضروري آهي. سچائيءَ جي ذريعي هميشه ڪاميابيءَ جو سهرو انهن جي سر تي جهولندو نظر ايندو.

جن جو هڪ پاڪو آهي ته جيڪو خوش خلق نه هجي سو دڪانداري نه ڪري. خوش خلقيءَ مان هيٺيان فائدا آهن.

١- خوشخلقيءَ جي قيمت نه آهي، انهي هوندي به ننهجو خرچ آهي.

٢- خوشخلقي، ڪلمڪ انسان کي مفلس ٿيڻ کان سواءِ، پين کي امير بنائي ٿي.

٣- خوشخلقيءَ جي جهلڪ ٿورو وقت نظر اچي ٿي پر پين جي دل ۾ هميشه لاءِ وسي ٿي.

٤- ڪيڪو شاهوڪار اهڙو ڪونهي جو محتاج آهي ۽ ڪيڪو غريب ان مان فائدو وٺي، دل مان غربت جا ڏنگ ڪڍي ڇڏي ٿو.

٥- خوشخلقي خانگي زندگي، ڪاروباري زندگي ۽ ٻڌي دوستن جي مجموع ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري ٿي.

٦- ٿڪلن لاءِ راحت، غمگينن ۽ دلشڪستن لاءِ فرحت ۽ سيني تڪليفن لاءِ ترياق آهي. انهن سيني خوبين هوندي به بازاري شيءِ نه آهي جا خريد سگهجي، نه ڪو ان کي ڪو چور چورائي سگهي؛ نڪو ڦري سگهي. جيڪڏهين پائين ته ماڻهو توکي پسند ڪن ۽ تو ڏانهن مائل ٿين ته انهن سان خنده پيشانيءَ سان مل.

## ٦- ماڻهن وٽ مقبول ٿيڻ جي رمز

هڪ ڏينهن ٽپال آفيس ۾ ويس ۽ ڏٺم ته رجسٽر ڪرڻ وارو ڪلارڪ ڪم جي گهڻائيءَ سبب تمام پريشان ۽ ساڳيءَ ساڳيءَ ڪم ڪرڻ ڪري ڪڪ ويٺو آهي. مون دل ۾ هن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ جو هڪ ارادو ڪيو ۽ دل ۾ سوچيم ته هن ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي آءٌ ٺيڪ نيتي ۽ سچائيءَ سان تعريف ڪري سگهان ٿو. جڏهن هو منهنجو خط توري رهيو هو تڏهين چيو مانس "ته ڪهڙي نه سٺي ڳالهه ٿئي ها جيڪڏهين منهنجا وار به تو جهڙا هجن ها." هن ڇرڪ ماري مون ڏانهن نهاريو ۽ چيائين ته "يار وارن ۾ اڳئين رونق ڪٿي آهي؟" مون چيو مانس "ته اڳي شايد وڌيڪ سٺا هئا؟ هاڻي به ته تمام سٺا آهن." اهو ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته "گهڻن ماڻهن منهنجي وارن جي تعريف ڪئي آهي." مون کي پڪ آهي ته هن سارو ڏينهن خوشيءَ ۾ گذاريو هوندو. رات جو پنهنجي زال سان به اهوئي ذڪر ڪيو هوندائين ۽ ضرور آرسي ڏسي چيو هوندائين ته "منهنجا وار ڪهڙا نه عمدا آهن!"

هيءُ قصو مون هڪڙي پيري هڪڙي مجلس ۾ ڪيو. هڪڙي ماڻهوءَ مون کان پڇيو ته اوهان کي انهيءَ خوشامند ڪرڻ مان ڇا هٿ حاصل ٿيو؟ مون جواب ڏنو مانس ته جيڪڏهين اسين اهڙا خود غرض آهيون جو ٻين جي زندگيءَ ۾ ٿوري خوشيءَ جي جهلڪ پيدا نٿا ڪري سگهون ۽ عيوض ملڻ جي بغير ڪنهن جي سچي تعريف نٿا ڪري سگهون ته انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ائين ڪرڻ سان اسين هميشه ناڪاميابيءَ جو منهن ڏسندا رهنداسون.

لڪن هڪڙي دفعه هڪڙي آفيسر کي اهي ڪري ڏاڍي لنبهه ڪٽي جو هو هميشه پنهنجي زيردستن سان ٻوري گهٽي ڳالهه ٽان ٽڪرجي پولدو هو. جنهن شخص کي دنيا ۾ ڪو ڪم ڪرڻو آهي، تنهن کي اينتري فرصت ڪٿي هوندي جو هو ذرين پرزين ڳالهين لي پيو تڪرار ڪندو وتي ۽ اجاين فسادن جي ناگوار ۽ خراب نتيجن سان گڏ پنهنجي ڪاوڙ جي ڪڙاهيءَ ۾ ڪڙهندو وتي.

ڪتي کي رستو ڏيڻ، انهي کان بهتر آهي جو رستي بند ڪرڻ ڪري پاڻ کي ڪتي کان چڪ پارائجي. جيڪڏهين چڪ هڻڻ کان پوءِ ڪتي کي ڪٽي ماري ڇڏيو ته به زخم الهي ڪري ڇٽي ڪونه ويندو الهي ڪري پين کي هم‌خيال بنائڻ جي پورين رمز اٿو اجائي بحث کان پاسو ڪرڻ. بحث ڪرڻ جي بجاء بحث کان پڇڻ جيمت آهي ڇاڪاڻ جو بحث کان پڇڻ ڪم ورياهن جو آهي.

٣٢ سؤ ورهيه حضرت عيسيٰ عليه السلام کان اڳ،
هڪڙي مصر جي بادشاهه پنهنجي پٽ کي هڪ اهڙي
قسم جي نصيحت ڪئي ته ”اٽڪل اسان جي ڪاميابيءَ
جي ڪنجي آهي.“ تنهنڪري جيڪڏهن چاهين ته ماڻهو
تنهنجا هم خيال ٿين ته ٻين جي نقطه نگاهه ۽ راءِ جي عزت ڪر
۽ انهن کي ڪڏهن به ائين نه چئو ته ”غلط آهيو.

وڙهڻ سان ڪجهه ڪين حاصل ٿئي ٿو پر غلطي مڃڻ سان
اميد کان زياده فائدو ملي سگهي ٿو. جيڪڏهين توهين ڀانيو
ته ماڻهو توهان سان همخيال ٿين ته هنن کي غلط نه چئو ۽
جيڪڏهين توهانجي غلطي هجي ته هڪدم سچائي ۽ ليڪ
نيتيءَ سان مڃيو.

نهايت شڪر گذار آهيان، ڇاڪاڻ جو اوهي خط پڙهڻ ڪري
آخر آءٌ اوهيءَ فيصلي تي پهتو آهيان جنهن تي پهچڻ لاءِ مون
ڪيترن ڏينهن کان غور پئي ڪيو.

اينڊڙ سومر کان وٺي اسان جي اخبار ۾ جيترو ٿي سگهندو
اوترو اوهيءَ قسم جا اشتهار شايع ڪرڻ بند ڪيا ويندا.
اوهيءَ کان سواءِ ٻيا اشتهار جن کي تمام گهڻو اعتراض جوڳا نه
آهن تن کي ڇڻ ڦير گهير ڪرڻ بعد شايع ڪبو جو ڪنهن کي
به شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه ملي. پڇاڙيءَ ۾ آءٌ وري به
توهانجو شڪر گذار آهيان جو اهڙو خط لکيو اٿو جنهن اسان
جون اکيون کولي ڇڏيون آهن.

مٿين مثالن مان ثابت ٿيو ته ٻين کي هم خيال بنائڻ لاءِ
همدردانه ۽ دوستانه گفتگو نهايت ضروري آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته توهانجي يارن ۽ دوستن کي پنهنجين ڪارگذارين بيان ڪرڻ ۾ بنسبت توهان جي پسوراين ۽ آسمان مان تارن لاهڻ جي بيان ٻڌڻ کان زياده لطف اچيٿو. هڪڙي فرانس جي مدبر جو قول آهي ته جيڪڏهين دشمن پيدا ڪرڻو اٿو ته پنهنجن دوستن کان گوءِ کٽي وڃو ۽ جيڪڏهين دوست پيدا ڪرڻا اٿو ته دوستن کي گوءِ کٽڻ ڏيو. جيڪڏهين ٻڌاڪ ۾ هٽبي ۽ دوستن جي ڪمن جي ساراه ڪبي ته هنن ۾ خوشي پيدا ٿيندي پر جيڪڏهين پاڻ پڌائبو ۽ پاڻ کي الهنڪان وڌيڪ قابل ۽ ڪارائتو ڪوٺائبو ته هو الهيءَ کي پنهنجي گهٽتائي سمجهندا ۽ هنن ۾ حسد پيدا ٿيندو ۽ بغض ڪري توهانجا دشمن ٿي پوندا. اسانکي پنهنجن ڪارگذارين بيان ڪرڻ ۾ لهنائي کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ پاڻ پڌائڻ ۾ حيا کان ڪم وٺي ٿورو ڳالهائڻ گهرجي.

امريڪا جي هڪڙي وڏي مصنف کان پڇيائون ته ائين آهه ڇا ته توهين امريڪا ۾ سڀني کان وڌيڪ مشهور مصنف آهيو. هن جواب ڏنو ته آءٌ جيڪي لهالتو لنهنکان زياده خوش قسمت آهيان ۽ جنهن شهرت جو آءٌ مستحق آهيان لنهنکان توهان منهنجي زياده همت افزائي ڪيو ٿا ورنه "من آن خاکم که خود بدانم" جيڪڏهين ٻين کي همخيال بنائڻ جي تمنا اٿو ته ٻين کي پاڻ کان زياده ڳالهائڻ جو وجهه ڏيو

وڌائڻ لاءِ يا ٻين کي هم خيال بڻائڻ لاءِ پنهنجو مقصد واضح، دلچسپ ۽ مؤثر نموني ۾ پيش ڪرڻ گهرجي. پنهنجن خيالن کي اهڙي نموني بيان ڪريو جڻ نه توهان ڪو ناٽڪ جو پارٽ ادا ڪري رهيا آهيو.

شش بعد ثابت ڪري ڏيکاريائين ته واقعي مالڪي
هو.

هڪڙي وڏي تاجر جو چوڻ آهي ته فقط پگهار جي لالچ لي ماڻهو ڪم ڪونه ڪندا آهن. ڪم ڪرڻ لاءِ سرگرم لڳڻ ۽ ٻين کان گوءِ کٽي وڃڻ جي تمنا پيدا ڪرڻ ضروري آهي. سڀ ڪنهن کي پنهنجي وڏائي، عظمت ۽ عزت جو خيال آهي. ٻين کان نمبر کٽي وڃڻ خوشيءَ جو ۽ دل و جان سان ڪم ڪرڻ جو باعث آهي. قابل ماڻهو هميشه اها ڳالهه پسند ڪندو آهي ته ڪو اهڙو موقعو ملي جنهن جي ذريعي آءٌ پنهنجي قابليت ۽ فوقيت جو ڏهڪو ڄمايان. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڀانيون ته همت ۽ قابليت واري ماڻهو کي پنهنجو هم خيال بنايون ته هنکي چڱا پيئي ڪٽڻ لاءِ آماده ڪر يا هنکي للڪاري چئو ته هئين ڪرڻ مڙسي آهي ۽ هئين ڪرڻ گيدڙن جو ڪم آهي.

Printed by Ali Bux Mohamed Yusif, at the
Aftab Printing Press, Saddar Bazar, Hyderabad Sind.
and Published by
Ghulam Mohamed Shahwani, Nur Mohamed High School
Hyderabad Sind.